# رنگن جي خانہ بدوشي



ايوب گل

نئون نياپو

# رنگن

## جي خانه بدوشي

ايوب گل

نئون نياپو اڪيڊمي
سچل ڳوٺ ڪراچي

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | رنگن جي خانہ بدوشي |
| شاعر: | ايوب گل |
| ٽائيٽل ڊزائن: | نئون نياپو |
| تعداد: | هڪ هزار |
| ڇپجڻ جي تاريخ: | آگسٽ 2010ع |
| پاران: | نئون نياپو اڪيڊمي، سچل ڳوٺ ڪراچي<br>Ph # 021_3490389<br>Cell # 0346_2103811 |

**Rs. 70/=**

## ارپڻا

**امان بابا**

**۽ ڀينرن جي نالي!**

جن جي لاءِ

مان سدائين اهم رهيو آهيان!

## پبلشر جو نوٽ

شعر، ڪهاڻيون ۽ ٻيون مڙوئي
لکڻيون انساني زندگيءَ جا اُتم ڪارج آهن، ۽ خدا
۽ انسان ۾ هڪجهڙائيءَ جو ثبوت پڻ...

ڪتاب آسماني هجن يا زميني
ٻنهي ۾ انسانن جي چڱ ڀلائي، اورچائي ۽ اڳتي
وڌڻ جا گس ۽ ماضيءَ منجهان سکڻ جا ڏس ۽ ٻيو
ڇا آهي؟

هي ڪتاب جيڪو شاعريءَ جي
صنف نظم تي ٻڌل آهي ۽ جنهن جي هر نظم مان
ڪنهن ۾ انساني دل ته وري ڪنهن ۾ انسان جي
اڌيل سنسار جي دل ڌڙڪندي محسوس ٿئي ٿي...

۽ شايد شاعر جو ڪم ئي اهو
هوندو آهي ته اهو ٻيٺل (معنيٰ: مرندڙ يا مري ويل،
پنڊپهڻ ٿي ويل يا چپ ٿي ويل) دلين کي ڌونڌاڙي
ڌونڌاڙي انهن منجهه ساهه ڦوڪي ۽ سانت کي
توڙي زندگي جا آثار اپاري زندگيءَ جي هارجندڙ
جنگ کي جيت ۾ مٽائڻ لاءِ نچي ڪڏي ۽ گيت
گونجاري...

۽ هي ڪتاب ته، ڄڻ هڪ باڪمال
فوٽوگرافر جي ڪئميرا واري اک جون وڏي ڏيان
سان، پنهنجي وقت، مامرن، مونجهارن، محبتن،

آسن، اوسيئڙن، ارمانن، وڇوڙن ۽ ميلاپن جون
ڪلڪ ڪري ڪڍي ورتل تصويرون ئي آهن
جيڪي پڙهڻ سان هڪ فوٽوءَ مان متجي هڪ
مڪمل ناٽڪ جو روپ ڌاري وٺن ٿيون ۽ حواس ۽
احساس گلن جي پڪ ۾ پرجي سوگها ٿي وڃن ٿا.....

”رنگن جي خانہ بدوشي“ ايوب گل
جو پهريون ڪتاب، جنهن لاءِ ايوب جي اٽڻ لکن
ڪروڙن جي پر پوءِ بہ ڪتاب جي پڌري ٿيڻ ۾
ڇڻ قدرت جو وڏو هٿ هجي هلندي ماريندي
جيئن ئي ڪتاب ڇپائيءَ جي پيچاڙڪن مرحلن ۾
پڳو تہ ، سنڌوءَ جي دل سمونڊ تي پئي ۽ سچي سنڌ
ڪي وهنجاريندي، پوڙيندي تاريندي وڃي سمونڊ
پڳي ...

هاڻي هي ڪتاب اوهانجن هٿن ۾
پڳو آهي تہ هن ڪتاب جو رنگين روح، موهن جي
دڙي ڪان ڪراچيءَ جي دهشت تائين اوهان ڪي
پسار تہ ڪرائيندو ئي پر چاهيندو تہ اوهان پنهنجي
ڪسجندڙ وطن جي مالڪيءَ لاءِ سڀ ويچا وساري
هڪ ٿي ڏندا ڪٽي ايا تي وجو ۽ سنڌ ڪتي ڏيڪاريو...
اها ئي هن ڪتاب جي گهر آهي ۽ اسانجي تمنا آهي.

سنڌ دوست

**انعام عباسي**

# مهاڳ

هي ڪتاب پڙهندي مون کي اهو گهڻو ڪجهه ياد آيو آهي، جيڪو ڪنهن اهڙي ڪيفيت جي ور چڙهي ويو هو جنهن کي اردو شاعر "گردشِ ايام" ڪوٺيندا آهن.

اهڙا ڪيترائي شعر جيڪي اڳ منهنجي دل جي ڍنڍ تي پر پکيڙي پيا اڏرندا هئا ۽ پوءِ ولر ڪري ڪنهن پار اڏامي ويا. رت جون لهرون سيني جي ساحل سان لڳيون، انهن کي سڏينديون رهيون پر اهي نه موٽيا! انهن کي جهيڻو درد پوءِ به آواز ڏيندو رهيو لاڙ جي نولکي فنڪار محمد ابراهيم جهڙي ڪنهن اهڙي سُر ۾ ته:

"وري آ پکي واهيري
وري آ پکي واهيري"

پر هو هينئڙي ڏي نه وريا.

پوءِ جڏهن ايوب گل جي اندر جا پکي پنن تي ٻولڻ لڳا ته منهنجي اندر جا وڃائجي ويل پکي وري موٽڻ لڳا. سپ ڪان

اڳ ورڻيو اياز جو اهو شعر :

”ال اڏاڻا رنگ رتي آڪاس ۾
ڏوڙ اڏائي ڏڻ موتن تا
پنهنجي جڙ ڏي وڻ موتن تا
ڳوٺ سماڻا
رنگ رتي آڪاس ۾

هو چارڻون ۽ ڇڇ انهن جا
شام رنگي تي رڇ انهن جا
دور مهاڻا
رنگ رتي آڪاس ۾

آئون ٻـ موٽان جرتر ڀٽڪي
پيار پنيو مون در در ڀٽڪي
منهنجا ياڻا
رنگ رتي آڪاس ۾“

ڇا اهو شعر ايوب گل جي شاعريءَ تي مڪمل تبصرو ناهي!!؟ هن جي شاعري ٻـ اتان جنم وٺي ٿـي، جتـي رنگ رتـن آڪاسن ۾ ال اڏامن ٿا. انهن جي هيٺان ڏوڙ مان گـذرنـدڙ ڏڻ ۽ پنهنجن پاڇن ۾ دفن ٿيندڙ وڻ ۽ شام جي شفق ۾ ريل شرابن ۾ ٻڏرڪندڙ ڳوٺ!

۽ هو درياهہ جي لهرن تي لڏندڙ ٻيڙين ۾ رهندڙ مهاڻا, انهن جا ٻار ۽ ڇڇن مان ٻاهر ڪڍي ڇارن کي ڇنڊيندڙ مهاڻيون ۽ اهي بي منزل فقير جيڪي ڌرتيءَ جي مٽيءَ هاڻن هٿن جي لڪيرن جهڙن رستن تي سفر ڪندا ويندا آهن.

ايوب گل جي شاعري انهن منظرن جي فوٽوگرافي نـ پر اهڙي مصوري آهي، جهڙي مصوريءَ جا نمونا وڪٽورين دور جي ان مغربيءَ پينٽنگس ۾ ٿي پسي سگهجن ٿا. ان مان ثابت ٿئي ٿو تـ هن هڪ دانشور جي دماغ سان نـ پر هڪ مصور جي دل سان

شاعري ڪئي آهي. هن جو هر نظم هڪ منظر آهي. ان جو ادراڪ شاعر کي به آهي. ان ڪري ئي ته هن پنهنجي شعري مجموعي جو نالو "رنگن جي خانه بدوشي" رکيو آهي. هن جي شاعري رنگن جو ڪڏهن به مڪمل نه ٿيندڙ سفر آهي. اهو جتي ڪنو ٿئي ٿو اتي رنگن جو ميلو بڻجي وڃي ٿو. پر رنگن جي ميلي جي ڪيفيت "هوليءَ" جهڙي هرگز ناهي. چو ته هولي رنگن جي راند جو نالو آهي. ان ۾ هڪ خوشي آهي. جڏهن ايوب گل جي شاعريءَ ۾ اداسي آهي. هڪ اهڙي اداسي جيڪا مستقل مسافري ڪندڙ قافلن جو مقدر هوندي آهي.

عربي شاعريءَ جي قديم قصيدن مان اداسيءَ جي اها ڪيفيت پرپور انداز سان دل تي اثر ڪري ٿي. جڏهن هو لکن ٿا ته:

"اي منهنجا محبوب!
اڄ رات ريگستان جي هن چانڊوڻيءَ ۾
منهنجي چهري کي چتائي ڏس
۽ منهنجا مهانڊا
پنهنجي دل تي نقش ڪري ڇڏ
چو ته سڀاڻي جڏهن قافلو ڪوچ ڪندو
تڏهن ان جي اٿندڙ ڌوڙ ۾
تون شايد منهنجو مک
ٺيڪ طرح سان نه پسي سگهين!!"

ايوب جي شاعريءَ ۾ به اهڙين آخري ملاقاتن ۽ اداس منظرن جو عڪس آهي. جڏهن هو لکي ٿو ته:

"ٻه ٽي منظر
حياتيءَ جو حصو ٿي ويا
وسارڻ سان نه ٿا وسرن
مٽائڻ سان نه ٿا مٽجن!
پريان هو ساڏ پيلو
۽ مٿان هئي نيرڙي سانجهي

وهيو درياهہ تي ڏنڏلو
اڳيان پل جون بتيون جرڪيون
چٽو هو چنڊ روهڙيءَ تي
سڪر جون سڀ گهٽيون جرڪيون
ڪپر، بيڙا، جلهيا تي سڙهہ
ٽڪي ـ ٽيو چور هو مانجهي!
مٿان هئي نيرڙي سانجهي!"
اهڙي ئي ڪيفيت کي بيان ڪندڙ هڪ ٻي منظر کي بيان
ڪندي هو لکي ٿو تہ:
"اسان جي ڳوٺ کان سڏ پنڌ
پراڻو کوهہ هوندو هو
انهيءَ تي ميڙ نارين جو
انهن ۾ چنڊ پري ڪائي
اڪيلي هئي
ڳهيلڪيءَ دل
وڃي ياڪر پري ڪائي!
اهوئي ڳوٺ ڳڀرن جو
نڪاڻو کوهہ هوندو هو
پراڻو کوهہ هوندو هو!!"
۽ ٽيون منظر انهن ٻن منظرن کان وڌيڪ اداس ۽ اڀاڻڪو
آهي. جنهن ۾ اسان جو شاعر ٻڌائي ٿو تہ:
"وصل جي ويل وئي نڪري
اکيون اگهندي چپائين ٿي
اسان سان خواب ۾ هاڻي
ملو جيڪر، ملي وڃو!
اسان جي ڳوٺ ۾ ڪنهن پر
اچو جيڪر ملي وڃو!
"اسان جو پنڌ پورو ٿيو"
وري چمندي چپائين ٿي

اکيون اگهندي چپائين تي
اھوئي بار لفظن جو
اھائي رات سانوڻ جي
ملڻ وڇڙڻ جي ويلا ۾
اھو سيلاب ڳوڙھن جو......!
اجان بيٺا اتي آھيون
اتان کان دل چري ناھي
اتان کان دل چري ناھي!!"

اھو نظم پنھنجي لئہ ۾ اتاري سوچي رھيو آھيان تہ اھڙن نظمن لاءِ کھڙا مھاڳ لکجن؟

اھڙا نظم تہ انھن چھرن جھڙا ھوندا آھن، جن تي ھار سينگار سنو نہ لڳندو آھي ۽ تڪي بہ نہ سگھندو آھي.

يري برسات ۾ ڪنھن جي اچڻ جا منتظر چھرا!
اھي رنگن جي رولاڪين جيان ڪجھہ منتشر چھرا!
ڪڏھن تاريڪ راتين جان ڪڏھن اجري سحر چھرا!
ڪڏھن ڪنھن مند جي منزل، ڪڏھن ھو دربدر چھرا!

سو! "رنگن جي خانہ بدوشيءَ" تي آواره شاعري تہ ڪري سگھجي ٿي. پر ڪوئي منظم ۽ بامقصد نثر نہ ٿو لکي سگھجي!

ھونءَ تہ ھر شاعري تلاش ھوندي آھي پر ايوب گل جي شاعري وسري ويل منزل جي ڳولا آھي.

جڏھن ھو لکي ٿو تہ:
"آئون ورھن جي وٿيءَ ۾
اج بہ توکي ٿو تلاشيان
پاڻ ۾ توکي تراشيان!!
تون الئہ ڪيڏانھن وئين؟"

تڏھن ان سوال ۾ ھڪ ٻيو سوال بہ چپيل آھي، اھو سوال جيڪو شاعر ظاھر ناھي ڪيو. چو تہ ھو اسان جي احساس تي اعتبار ڪري ٿو. ھو سمجھي ٿو تہ اسان کي پتو آھي. اسان

چاڻون ٿا. اسان کي معلوم آهي تہ ”هوءَ ڪير آهي؟“

منهنجو خيال آهي تہ سڀ کان اڳ ۾ اسان کي ايوب جي شاعري پڙهڻ گهرجي. ائين جيئن شاعري پڙهڻ گهرجي. پوءِ اسان کي ان تي سوچڻ گهرجي تہ هوءَ ڪير آهي؟

سنهڙي سانوري آهي
يا
پوري بانوري آهي؟
اشارن جيئن اکين جهڙي
يا پوءِ اهڙين سکين جهڙي
جيڪي ڳوڙهن سان ڳالهائين
سوين سهرا پيون ڳائين!
سريلين ساوڪن جهڙا
جتي ولهار وسندا ها
جتي سڀ لوڪ پسندا ها
پريءَ جهڙي
چري ڇوري!
ها جنهن جا وار پورا ها
سچا ويچار پورا ها
مگر پوءِ بہ سياڻي هئي
جا ٻارن جي ڪهاڻي هئي!
وسارڻ سان نہ ٿي وسري!!!!!!
نہ ٿي وسري
نہ ٿي وسري
نہ ٿي وسري!

هر شاعر ڪنهن نہ ڪنهن ڪردار تي موهت هوندو آهي. هن جي ذات جي ڌرتي ان جذبي جي سچ چوڌاري چڪر ڪٽيندي رهندي آهي. ايوب گل جنهن ڪردار تي موهت آهي، ان جا پار پتا ڀهراڙيءَ جي ماحول وارا آهن. هو ذاتي طور تي شوبز جي منافق ماحول جو مزدور آهي. پر هن تخليقي پورهيت

# پنهنجي پاران

مان جڏهن تمام ننڍڙو هئس، مونکي نصابي ڪُتابن ۾ شامل نظم ڏاڍو وڻندا هئا. اهي نظم ٻه ٽي ڀيرا پڙهڻ سان مونکي ياد ٿي ويندا هئا ۽ استاد حيران هئا تہ منهنجو حافظو ڪيترو نہ سٺو آهي. پر ڪين اها خبر نہ هئي تہ منهنجو حافظو صرف شاعريءَ جي حد تائين سٺو آهي... اهڙي طرح شروع کان مونکي شاعري سان هڪ خاص لڳاءُ رهيو آهي، شيخ اياز کان گلزار تائين بي شمار شاعر آهن جن سدائين منهنجيءَ دل کي ڇُهيو آهي. ڀاروتڻ ۾ منهنجو هڪ خواب هو تہ منهنجو بہ شاعرن ۾ نالو ڳڻجي.

اسڪول واري زماني ۾ مان گهر وارن کان لڪي لڪي ادبي ڪتاب پڙهندو هئس، خاص ڪري شاعريءَ جا ڪتاب! حالانڪہ مان پنهنجي ڪلاس جي هوشيار شاگردن مان هئس پر پوءِ آهستہ آهستہ منهنجو پڙهڻ جو اهو شوق صرف ادبي ڪتابن تائين محدود ٿيندو ويو.

ڪاليج ۾ مان جڏهن دوستن کي پنهنجا شعر ٻڌائيندو هئس تہ اهي منهنجي مذاق اڏائيندا هئا. مان ۽ منهنجو دوست شاهد ملاح ريڊيو پروگرامن ۾ خط لکندا هئاسين. رسالن ۾ شعر موڪليندا هئاسين ۽ هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا ۽ ساراهيندا هئاسين. ٻيو ڪو بہ وسيع ادبي حلقو ڪونہ هو. پوءِ جڏهن ادبي

رسالن ۾ اسان جا شعر ڇپجڻ لڳا ۽ ادبي دوستيون ٿيڻ شروع ٿيون تہ مون هن شعبي کي ئي مستقل اپنائڻ جو طئہ ڪري ورتو.

فيبروري 1999ع ۾ مان حيدرآباد آيس ۽ روزاني "الڪ" اخبار ڪان هڪ نئين سفر جي ابتدا ٿي. اهڙي طرح منهنجي زندگيءَ جو هڪ نئون دور شروع ٿيو. بلڪ مون هڪ نئون جنم ورتو.....!

حيدرآباد ۾ نہ صرف منهنجي ذات کي پر تخليق کي بہ نئون رخ مليو.

هن ڪتاب ۾ شامل سڀ نظم 1999ع کان 2010جي وچ ۾ مون لکيا آهن ۽ انهن سالن جو اهي نچوڙ آهن.

مون لاءِ هي هڪ عجيب ۽ ولولي انگيز دؤر رهيو آهي.

منهنجي مٿي ٻيهر ڳوهجي رهي هئي، زندگي بي شمار نون تجربن مان گذرڻ لڳي. ڪتاب، ڪم ۽ عشق ، بلڪ ٻيا بہ ڪيترائي مشغلا هئا، جن مونکي مسلسل مصروف رکيو ٿي. حيدرآباد جا اهي ڏينهن ڪنهن خواب جي گذر گاهہ وانگر هئا.

مون لاءِ شهر نئون هو

ماڻهو نوان هئا.

رستا نوان هئا.

شيون نيون هيون.

ماحول نئون هيو.

مون نوان نوان ڪتاب پڙهيا. نيون نيون ڳالهيون ٻڌيون، سوچ جا موضوع بدلجي ويا هئا.

آفيس جي وقت ۾ دوستن کان نہ صرف ڪم پر زندگيءَ جا نوان طور طريقا سکندو رهيس. گهڻا ئي اهڙا نالا آهن جن اڄوڪي سڃاڻپ ٺاهڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي. منهنجي زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو محسن آهي منظور سولنگي! جيڪو نہ ملي ها تہ شايد مان پنهنجو پاڻ کان اڻ واقف رهجي وڃان ها.

پوءِ حفيظ ڪنير مونکي ترتيب ڏنو.

ٻيا بہ بيشمار دوست آهن ، رحمت الله ماجوٺي، ادريس جتوئي، اعجاز منگي، طارق قريشي، اختر حفيظ ماڻڪ ڪنگراڻي، محمد علي، راز شاهاڻي، حميدابڙو علي آڪاش، علي زاهد، فاروق سومرو ابراهيم ڪنير ۽ نصير گوپانگ اهي سڀ مونکي حيدرآباد ۾ مليا ۽ ٻيا بہ ڪي ننڍڙا فرشتا اهي،

گڏول ، ليليٰ، حديقہ ۽ ڪنول بيبي، جن مونکي پنهنجن رانديڪن جيان ڪڏهن بہ وڇائجڻ نہ ڏنو! حيدرآباد جون يادگيريون ئي منهنجي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو سرمايو آهن ۽ هي سڀ نظم منهنجي حيدرآباد جي محبتن جو عڪس آهن. ڪو وقت هو جڏهن مان سوچيندو هئس تہ زندگيءَ ۾ هن شهر کي ڪڏهن بہ نہ ڇڏي سگهان پر...انسان ڪڏهن ڪڏهن حالتن جي اڳيان هيڻو ٿي پوندو آهي.

۽ انهن حالتن مونکي بہ پنهنجي محبوب شهر کان پري ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح مان درياهہ کان سمنڊ طرف هليو آيس! مان پنهنجي زندگيءَ کي ٽن حصن ۾ سنڀاليندو آهيان.

هڪ اهو ڳوٺ جو زمانو...

ننڍپڻ جون شرارتون ...ڪچي اڱڻ ۾ مٽيءَ جي رانديڪن سان رانديون... ننڍڙا جهيڙا ۽ رنج رساما....ٻنيون، اسڪول ڏي پنڌ ۽ الائي ڪيترا خواب. جيڪي اڌورا رهجي ويا. ٻيو حيدرآباد وارو وقت.....جنهن مونکي زندگي ۽ آرٽ جي شناس ڏني ۽ ٽيون هي ڪراچيءَ ۾ شوبز سان لاڳاپو آهي! مان خوش نصيب آهيان جو مونکي دوست هميشہ سٺا مليا آهن. پوءِ زندگيءَ جو اهو ڪهڙو بہ دور رهيو هجي....ماڻهو چوندا آهن تہ شوبز ڏاڍي ظالم دنيا آهي جتي ڪير بہ ڪنهنجو نہ هوندو آهي پر هتي بہ مان بي شمار ماڻهن جو پنهنجو آهيان ۽ بي شمار ماڻهو منهنجا آهن. جن مونکي ڪڏهن بہ ڪنهن ڏکئي وقت ۾ اڪيلو نہ ڇڏيو آهي. جيستائين زندگي مونکي ڪنهن نئين پنڌ ڏانهن وٺي وڃي، بهرحال مان پنهنجي هن ننڍڙي دنيا ۾ ڏاڍو خوش ۽ مطمئن آهيان. جتي نور جوکيو جهڙو منهنجو محسن ڀاءُ آهي، فرهاد قائمخاني جهڙو محبوب دوست مون سان گڏ آهي. جتي غلام علي سمون جهڙو سچو دوست مونکي سمجهي ٿو ۽ ٻيا بہ بي شمار نالا آهن. ۽ اها ئي منهنجي ننڍڙي ڪهاڻي آهي!

**ايوب گل**

31 مارچ 2010

# درياھ ۾ دهشت هجي

اي دادلا درياھ مُنهنجا
تو ۾ سدا دهشت هجي
موجون هجن، مستي هجي،
ساڳي اها هستي هجي.
جي ڳات اُوچو تون ڪٽين
ڇُلندو اچين، ڪُلندو وڃين
پرجي وهين ڏاڍو وٽين
پيھر ڪڪر ٻوڙي هلين
پنهنجا ڪپر ٻوڙي هلين
شل سمنڊ کي چيري وڃين
ڪنهن شينهن جي وحشت هجي
اي دادلا درياھ منهنجا
تو ۾ سدا دهشت هجي.
چا ڪير تر چا پار ڪر
هر ڪو جگر تنهنجو نگر
هر ڪو سڄڻ تنهنجو سڄڻ
هر ڪا سکي تنهنجي سکي
منهنجيون اکيون تنهنجيون ڪنڌيون
توکان سوا سوچون انڌيون
تنهنجي اها عظمت هجي.
اي دادلا درياھ منهنجا
تو ۾ اها دهشت هجي!
سيءَ بند تون ٽوڙي هلين
پر ديس کي جوڙي هلين
لهرون هندورا ٿي لُڏن

توکي ڏسن پيتا دليون
هٿ جا ڪنگڻ نڪ جون ڦُليون
ڏس ٻار آيا گُل ڪٽي
ڪي ڪامٽيون مهنديون هٽي
اڄ جوان پوڙها ٿيا ڳنا
هر ڪو ذڪر تنهنجو ڪري
بيٺو فڪر تنهنجو ڪري
تو ۾ اها طاقت هجي
اي دادلا درياهہ منهنجا
تو ۾ اها دهشت هجي!

❋❋

هي محبت جي ڪومل پلن جي ڪهاڻي
ڪجهہ لمحن جي پُڪ ۾ صدين جي جدائي
هڪ ڇهري جي تِر ۾ سموري خدائي
وڇوڙيل هٿن جي ڇلن جي ڪهاڻي!

ڇيو دل تہ سنهڙي سڳي ۾ پروئي
ستارا سڳين ۾ سجائي ڇڏيون ها
مگر چنڊ تنهنجو نہ جُهومر بڻيو هو
اهو درد دل ۾ اکين منجهہ پاڻي!

پرينءَ جي هٿن ۾ اسان جون لڪيرون
مگر ساٿ هن جو سدا غير سان هو
دعا جي پُڪن ۾ ملي نارسائي
اسين بس اڌورا اهائي پڇاڻي!

ڇيو دل تہ هُن جي چپن تي فدا ٿيون
سدا هُن جي نيڻن جي محور ۾ رهجي
وري وقت بدليو وري خواب وڪريا
وفائن جي معنيٰ، اسان ڪونہ ماڻي!

**

# ناچڙي!

ناچڙي! تون زندگيءَ کان
ڇو ائين ناراض آهين؟
ڇو نٿي خُود کي سُڃاڻين
تون تہ مُوهن جي دڙي جو راز آهين!
ڇير تنهنجيءَ جي وڄتِ ۾
عهدِ ماضي ٿو وڄي
جوانوکي عشق جو اسرار آهي
هڪ پُراڻي شهر جو اظهار آهي
نيڻ گهرا، وار ويڙهيل
۽ سنهيرو بُت تنهنجو
دؤر جي ڪاري چڪر ۾
روشنيءَ جي ليڪ آهي!
هي ڳراين جا ڪنگڻ ڇڻ
وقت آ ليڪيو پيو!
تون جا هاڻي برف آهين ٿي وئي،
ڪنهن دور ۾
تون نديءَ وانگر هئينءَ
وهڪرو تنهنجي بدن جو
نيڻ ٻوڙيندي وڌيو ٿي!
چَپَ تنهنجا مون ڇکيا ناهن ڪڏهن
پو بہ هيءَ احساس آهي،
تن ۾ لُڙڪن جو سدائين
ذائقو وهندو رهي ٿو.
ناچڙي هيءَ غَمُ تنهنجو
سچ ٻُڌايان رُوح منهنجو ٿو وڍي.
دل ڇوي ٿي،

توکي ڀاڪر ۾ ڪٺي،
درد جي درياھ تان گذري وڃان!
هر ڏکيري راھ تان گذري وڃان!
دل چوي ٿي، نيڻ نيڻن سان ګڏيان
سُک جي سنسار ۾ توکي ڇڏيان
پوءِ جيڪر ناچ لئہ تون پير ساهين
تنهنجي پايل جي وڄت ۾
روشنيون وڄنديون وڃن
شل سدائين شهنشاهِ عشق جي تون
آرسي بڻجي رهين۔
تون زمانن جي اکين ۾۔
زندگي بڻجي رهين!

✻✻

# ٻہ تي منظر

ٻہ تي منظر حياتيءَ جو حصو ٿي ويا،
وسارڻ سان نٿا وسرن،
مِٽائڻ سان نٿا مِٽجن.
ٻريان هو ساڏ ٻيلوءِ مٿان هئي نيرڙي سانجهي
وَهيو درياهہ ٿي، ڏُنڍلو اڳيان پُل جون بتيون جرڪيون
چٽو هو چنڊ روهڙيءَ تي سکر جون پِي گهٽيون جرڪيون
ڪپر، بيڙو جُهليا ٿي سِڙهہ ٿَڪي ٿيو چور هو مانجهي
مٿان هئي نيرڙي سانجهي!"
ٻيو منظر-
اسان جي ڳوٺ کان سڏ پنڌ، پُراڻو کوهُہ هوندو هو
انهيءَ تي ميڙُ نارين جو اُتي ئي چنڊ- پري ڪائي
اڪيلي هُئي، ڳهيليءَ دل، وڃي ڀاڪر پري ڪائي
اهو ئي ڳوٺ، ڳيرن جو نِڪاڻو کوهہ هوندو هو
پراڻو کوهُہ هوندو هو!
ٽيون منظر اهو ئي هو-
"وصل جي ويل وئي نڪري اکيون اُگهندي چيائين تي "
"اسان سان خواب ۾ هاڻي، ملو جيڪر، ملي ونجو"
اسان جي ڳوٺ ۾ ڪنهن پرِ، اچو جيڪر ملي ونجو"
"اسان جو پنڌ پورو ٿيو" وري چُمندي چيائين تي -
اکيون اگهندي چيائين تي!
اُهو ئي بار لفظن جو
اُهائي رات سانوڻ جي
ملڻ وِڇڙڻ جي ويلا ۾
اُهو سيلاب ڳوڙهن جو
اچا بيٺا اُتي آهيون
اُتان ڪان دل چُري ناهي!
اُتان ڪان دل چُري ناهي!

**

# رات جو مئہ خانو

رات بہ ڪو مئخانو آهي
تنهائيءَ جي پيالي ۾
اوتي چنڊ جي مڌ پيئون ٿا
سارو روح سُهائي آهي!
جڳ ڪي هيءَ خبر ئي ناهي
تنهنجي ياد نديءَ مان نڪري
آلي آلي آئي آهي!
جيڪا گُذري عمر وئي آ
ان ۾ تنهنجا عڪس بہ آهن
تنهنجي ياد سدائين من ۾
مينهن ڪٽيون ٿي آئي آهي!

**

# ڇو نٿو ٿڪجي سمهين؟

ڪيترون رلنديونءَ اجا؟
ڇو نٿو ٿڪجي سُمهين؟
جَر مٿان تارا وڇائي
هير جي لولي ٻُڌِي،
رات پنهنجا نيڻ ٻوٽيا
سمنڊ تي پيئي سمهي۔
پير تنهنجا پيا اجا اڳتي وڌن۔
سوال دل جا،
ور وڪڙ سوڙهيون گهٽيون
تن اندر تون ڪيترو ڀُلندين اجا؟
هي گهٽيءَ ۾ رات راٽيون
(واس جون وهندڙ نديون)
ماڪ ۾ وهنجي انهن جا
نيڻ ڳورا ٿي پيا
هاڻ سي پنهنجي اندر ۾
رات جون سانڊي ڪهاڻيون
ننڊ ۾ لهنديون وڃن ٿيون
خوشبوئون رهنديون وڃن ٿيون
ها مگر تنهنجين اکين کي
ننڊ جو ڇو خيال ناهي؟
ڪيترو خُود کي پکيڙي
شهر تي کُلندين اجا؟
ٻاک موتئي۔ ڪيت وانگر
اُڀ تي آهي، ڪِڙي پئي
هاڻ موتي گهر ٻه وڃ
هوءَ تنهنجو انتظار
ٿي ڪري ڪئن بار بار
ڪيترو ڇُلندين اجا؟
ڇو نٿو ٿڪجي سمهين!؟

***

# مونکي جيڪو شاعر آهي

مون ۾ جيڪو شاعر آهي
جڏهن بہ چاهي،
توکي دل ۾ ايئن ڏسي ٿو
عڪس هُجي جيئن آئيني ۾
مون سيني ۾۔
تنهنجو پيار وچايو آهي.
تو ۾ پاڻ وڃايو آهي.
هُو جو رڻ ۾ واءُ رُلي ٿو
مون لئہ پنهنجي يار جيان آ
اُڀ جي ٻُڪ ۾ هر هڪ تارو
ساجن! تنهنجي سار جيان آ
توکي آنءُ گهڙيان ٿو خُود ۾
دل ۾ تنهنجا انگ اُپاريان
سانجهہ صُبح ٿو توکي ساريان
هي جو مون ۾ شاعر آهي،
پنهنجيءَ دل جو راجا هوندي
تنهنجي در تي۔
ڪنڌ جُهڪائي آيو آهي.
ڇا هي پيار اجايو آهي؟

**

# ڪل قُل پري

جي مُرڪي تہ موتين سان جهوليون ڀري ٿي
هوءَ اسان جيءَ ڪهاڻيءَ جي ڪل قُل پري آ.
ٽِريل رات جو ڪنهن
پهاڙي نديءَ ۾
چانڊوڪي وهي ۽
تڏي جَرَ تي لهرون
نرت ۾ اچن جيئن
ائين هُوءَ آهي!
پکي ڪو اُڏامي،
مٿان آسمان جا
ڪٽي نيرا تاڪيا
ڪري مکُ ظاهر
خُدائي حُسن جو
ڪو ننڍڙو ستارو
انڌيرن سان اٽڪي
۽ جنمي سُهايون
ائين هُوءَ آهي!
هوءَ اسان جي ڪهاڻيءَ جي ڪل قل پري آ
اُهائي پري جا
ننڍي هوندي نانيءَ-
ڪُشادي اڱڻ ۾
وڏو مڇُ ڀاري
مٺا ٻول ٻولي،
ننڊ اکڙين اکين ۽
خيالن ۾ پوکي
ڪهاڻيءَ مان نڪري
حياتيءَ ۾ آئي!
سندس وار سونا
سفيدن جيان ڏڏُ
ڏسي چيلهہ چيتي جو تصور اچي ٿو
۽ چاتيءَ جو قُلڙيون

چوليءَ جي گُلزار پويان ٽڙن ٽيون
ڪٽي پيير تي جي-
رستن تي جوانيءَ جي بَسنتَ اچي تي
جي ٽورو چڙي تي،
وجهي گُهنڊ گهوري-
زمانن جا هردا بہ ٽڙڪات ڪن ٿا
اکين جي اشاري
ستارا جُهڪائي،
مٽيءَ تي وڇائي
سڪين ڪي چوي ٿي،
ڏسوا جڳ جو چرخو-
.اسان سان چلي ٿو
اسان جين نگاهن اشاري هلي ٿو!
اسين رات ڏاري
چڙهون وقت گهوڙي
ستارن تان ڊوڙي
پرستان پُڄون ٿا
اسان شاهزادا
اسان جا ارادا،
جبل جون جبينون-
جُهڪائي وڃن پر-
اچي هُن جي سامهون
اکيون ٿا جُهڪايون
چپن ۾ چئون ٿا-
"پريا ڪُجهہ نظر ڪر
اسان ڏي-
وري ڪُجهہ نظر ڪرا"
کِلي هُوءَ ٿاري
گُلن جهولَ هاري
اسين سي ٻُهاري
نظر ۾ رکون ٿا.
هُوءَ اسان جيءَ کهاڻيءَ جي کل قُل پِري آ
جي مُرڪي تہ موتين سان جهوليون پري ٿي!

***

# اسان ۾ پکين جون اُڏارون

اسان ۾ پکين جون اُڏارون تہ آهن
اوهان کي وٽن جي،
طبيعت نہ آهي،
قداور حسينا!
پري کان سفيدن جيان تون لڳين ٿي
اسان جي اميدن۔
جيان تون لڳين ٿي
سنڌ ۽ وار گهرا
ڏکها ڪارا گهاٽا۔
گهٽائن جا همدم
اسان جي اندر ۾ بہ صحرا تو جاڳي
الا! تنهنجا بادل—
وسڻ جي انهن کي۔
ڪا عادت نہ آهي!
اسان ساحلن تي،
ڪئي پيرا تولہ۔
ڇڏيا پيرا تولہ
ٻڏوسين ندين جو۔
سمنڊ چوڙ آهي!
سڄي رات هڏ ۾
اسان تنهنجي ۽ سڏ ۾

سمندر ٻٽياسين
اسان جي ندي چئو
چا سمونڊن سان ٽوڪي-
ڪا محبت نہ آهي؟
هي تنهنجي جواني-
پريا ميگهہ جوين-
ڇُهي تنهنجو تن من-
هوا ڪيف ۾ آ
ٽڙي ٿي. (وطن جو سهارو وڻي ٿي)
اسان بي خوديءَ جون
نديون ٿي وڃون ٿا
صديون جي وڃون ٿا
ٽڙڻ ۽ ڪِرڻ جي ڪا فرصت نہ آهي!
اسان ۾ پکين جون اُڏارون تہ آهن
اوهان ڪي وطن جي
طبيعت نہ آهي!

**

# سنڌُوَ جو جوڀن

هي لهرون- هي پنڇي، هي ترّ تي ٻتيلا
سنڌؤجَر تي ڏيئا، مٿان سانجهه ويلا.
نديءَ کي گُلن جون، پتيون پيار پيتا
پرين کي اسان جون، اکيون پيار پيتا
پتڻ تي انهن سان نهارون ملي ويون
دلين کي وفا جون ڄمارون ملي ويون
پريِن ساڻ پرچڻ، ڪي جهيڙا جهميلا
سنڌو سون ورنو- مٿان سانجهه ويلا.

جُهلي چنڊ هيرون هندورو ٿيون ٻڌجن
لُڏن سِرّهه هوا ۾ ڪنڌين ڪانهن جُهومن
ورن ميگهه سنڌو الهڙ نارَ ٻڌجي
ترن جر تي پنڇي پرين پيار ٻڌجي
وهي تار دريا ٻُڏن روز ٻيلا.
هي لهرون، هي پنڇي- ترّ تي ٻتيلا
سنڌؤجر تي ڏيئا، مٿان سانجهه ويل.

❊❊

# سنڌوُ جو نوحو

نہ لهرون، نہ پنڇي، نہ ترڙتي بتيلا
سنڌؤ جا ڪنارا اڪيلا اڪيلا
پترڻ پُور ڪهڙا؟ سنڌو جڻ تہ صحرا
سليون سور ڪهڙا۔ سنڌو جڻ تہ صحرا
نديءَ جي اکين ۾ رڳي رُڃ آهي.
پنين ۽ دلين ۾ اُتي اُڃ آهي
نہ موجون، نہ مستي نہ ماڻهن جا ميلا
سنڌؤ جا ڪنارا، اڪيلا اڪيلا.

نہ ڳالهين جون توسان ڳنديون ٿيون ڪُلن
نہ خوابن ۾ تنهنجيون گهٽيون ٿيون ڪُلن
سنڌو چا ويو بس وريو آ وڇوڙو
زهر ٿي اندر ۾ پريو آ وڇوڙو
نہ پيڙن ڪي منزل، نہ جهيڙا جهميلا.
نہ لهرون، نہ پنڇي، نہ ترڙتي بتيلا
سنڌؤ جا ڪنارا اڪيلا اڪيلا.

❊❊

# توکان ۽ مان ...

هُو مٿان آڪاش ڪنهن خيمي جيان
چنڊ ان ۾ ٽمڪندڙ ننڍڙو ڏيئو
هر نکٽ ساڪٽ آهي،
جنهن مٿان سُمهي ڪڏهن
هيٺ تو مُرڪي ڏٺو
۽ پيو ڇڻ روشنيءَ جو
ساهه هر ڪنهن ۾ ليئو!
ڪنهن ڇيو هوءَ ڪير ڏارا وات آهي
سونهن تنهنجيءَ جا سدائين
قافلا گذري انهي تان
هيٺ ڌرتيءَ تي لهن ٿا
۽ هيءَ ڌرتي-
خود بہ ڏاڍي آ حسين
ڪا مه جبين
موجزن دريا مٿان
ننڍڙيءَ ٻيڙيءَ ۾ هُجي
وار هُن جا واءَ ۾ لهرون هُجن!
يا هيءَ ڌرتي-
نيري پاٽيءَ جي مٿان
ناريل جيئن پيئي تري
ڪنهن قدآور ڇوڪريءَ جي،
ڇيڄ - منڊيءَ جي نگيني وانگيان پيئي ٻري!
هيءَ ڌرتي-
جنهن مٿان هي،
سڀ بدن ڇڻ،
وانڙيون آهن وڇايل.
ساهه جن تان-
خانہ بدوشن جو سفر
هر ره گذر
ڪن وڇوڙيل قافلن جي،
پوئتان اڏرندڙ رَئي آ.
بي ڇئي آ-

هيءَ ڇمارن جي ندي
ڪو نہ تي بيهي ڪتي،
انتظارن جي ندي
جنهن سان هلي ٿي ياڪرين!
هيءَ ڏرتي۔
ويس ڪيتن جو ڍڪي ٿي
واءُ هلڪو۔
ڇڻ خُدا جو هٿ آهي
وڻڪار سان ٽڪرائجي
۽ وڻن سان خُود بہ پيو لهرائجي!
هُو قافلا تنهنجي حسن جا
جي بُلنديٖن تان لهن ٿا
مون ۾ تنهنجي پيار جو اظهار آهن!
تون تہ جنهنکي۔
مون ڪڏهن ناهي ڏٺو
تون جا ڪڏهين۔
خواب جو آهين بدن
جنم جنهنجو۔
منهنجي نيڻن ۾ ٿيو آ
۽ ڪڏهن تون،
ننڊ جو آهين وطن
جنهن ۾ هڪڙو خواب ڇڻ ڪو
سِپ ۾ موتي پيو آ.
تون جا شايد۔
آڪاش جي خيمي سندي
ڪُنڊ ۾،
ڪنهن نکت جي ڪت تان
روز ٿي مونکي ڏسين
روز ٿي مُرڪي پوين!
آنءُ جيڪو۔
پنهنجي بدن جي واٽ تي
روز تو توڙي هلان
ساهہ منهنجا پڻ لڳن ٿا
ڪا۔ عجب خانہ بدوشي.
جا هجي، اڳتي اچا اڳتي روان
ڪنهن ٻير جي ڇانوَ ۾ ساهي پٽڻ

ٽورڙو ليٽي پوڻ
ڪنهن پڪيءَ جو پڙ لڳڻ سان
پن ساوا، گل پيلا
پاڻ تان ڇڻندي ڏسڻ
جنهن جي تقاضا ڪو نہ آ.
آنءَ جيڪو-
جڻ سدائين-
بدن پائيندو ۽ متائيندو رهيو هان
ڪنهن دور ۾
مان واءَ سان رُلندو هئس
وڻ سيئي يار منهنجا هئا تڏهن
گل سيئي-
پيار منهنجا هئا تڏهن
۽ هزارن ڇوڪرين جي،
آنچلن سان،
کيچلون مون تي ڪيون!
آنءَ جيڪو-
ڪن وٽاٽن ڏانهن ورندڙ
مال جي وڄندڙ ٽلين جي گونج ۾
يا ڪُونج جي ڪُرلاءَ ۾
ڪنهن ڳهاءَ ۾
جي ڪڏهن آهيان رهيو
پوءِ پاڻ ۾ ناهيان رهيو!
آنءَ جيڪو-
نرتڪيءَ جي ناچ ۾
۽ انهي جي پير جي هر ڇير جي-
ڇمڪار ۾، گونجار ۾
پيار جي اظهار کان انڪار ۾
يا ڪڏهن اقرار ۾ آهيان رهيو
پوءِ پاڻ ۾ ناهيان رهيو!
آنءَ جيڪو
سانوڻين جي سنگ ۾، هر رنگ ۾
ريت تي وسندو رهيس
هر ٿاڪ تي مان ماڪ سان
افلاڪ تان آيس لهي!
آنءَ جيڪو-

هاڻ پنهنجو پنڌ پورو ٿو ڪريان
تون ڏسبي مونکي پَريان
پاڻ ڏي پيئي ڇڪين
مون تي ڪُلين، مون کان لڪين
تون اَچاتي،
اڻ چتي ۽ اڻ ڏني
گفتگوءَ جي گُونج کان پرتي گهٽو
پوءِ بہ مونکي ساهہ کان ويجهو رهين
مون کان وڃين،
مون ڏي گهين
۽ خوابن ۾ لهين
پئي خيالن ۾ وهين-
ڪيترو مون کان ٿَهين
پوءِ بہ مونسان پئي ٿهين!
آنءُ جيڪو-
هي بدن جا گهٽ سارا
گهيڙ سارا
پاڻ سان هڪ راهہ رمندڙ
ميڙ سارا-
سڀ مُسافر-
توکي مڃيندڙ
توکان ڪافر
پوئتي سيئي ڇڏيندس.
تو ڏي ايندس.
هُو مٿان آڪاش جي خيمي اندر
چنڊ جو ڏيئو ۽ تنهنجيءَ-
واٽ وانگر ڪير ڏارا
سڀ سُجاتل ٿا لڳن
تون تہ جنهنکي مون ڪڏهن ناهي ڏٺو
پو بہ توکي پاڻ ۾ پايان پيو
هر گيت ۾ ڳايان پيو

❊❊

# ياد جي دري

ڪُلي ٿي اندر ۾ دري ياد جي۔
”سفيدن جي ہِڪ ۾ وچي وات پئي
اسين ہئي به ان سان هلون ياڪرين ٿا
عجب پنڌ آهي، غضب بي نيازي
نه موٽڻ ٿا چاهيون، نه منزل جو سوچيو!“
ڪُلي ٿي اندر ۾ دري ياد جي۔
”امبر ۾ اُڏارن جا تاڪيا ڪُلن ٿا
اسين ہئي ڪنڊيءَ جي وٽن ڏي وڏون ٿا
پڪي پيار ٻڌجي پڪڙجي وچن ٿا
ڇٽيل پن ۽ پنڪڙيون وچاٽو ٿا ٻڌجن
اهو هڪڙو لمحو صدين تي ڳرو آ“
ڪُلي ٿي اندر ۾ دري ياد جي۔
”پري ڪان ڏٺوسين ته موتيا ترڙيل ها
مٿان ڪير۔ ڏارا ڇُمڻ لئه جُهڪي هئي
اڇي چنڊ ويجهو ڳُجهارت پڳي
اڇو ويس پهري تون نڪتي هئين مون ڏي!“
ڪُلي ٿي اندر ۾ دري ياد جي۔
”هُو ساحل اڪيلو مٿان سانجهه پلٽي
پريان پاڻ ہئي ۽ اڪين ۾ اُداسي
وڇوڙي جي پنڌ جو ڪٽي خيال دل ۾
پيا لُڙڪ روڪيون، پرين موڪلايون!“
ڪُلي ٿي اندر ۾ دري ياد جي۔
”هماليه جي پربت جيان درد آهي
مٿان اُس پئي ٿي وڇوڙي سندي
اسين برف وانگر ٿا ڳرندا وڃون
اسين برف وانگر ٿا ڳرندا وڃون!“

❊❊

# دل هيئن چيو....

ان رات مون دل جي ڳالهہ ٻڌي
دل هيئن چيو
"جنهن وقت پرينءَ جا ننڊ منجهان
ٿا جاڳن نيڻ سويري جو
ان وقت جو سپنو ٽڙڪي ٿو
سو ليئا پائي چنڊ منجهان
ڪنهن شاعر کي تڙپائي ٿو!"
دل هيئن چيو
"هُن سج سَريکي نينگرِ جون
سڀ ڳالهيون پنڇي ميڙن ٿا
۽ آڪيرن جي ڪک پن ۾
سي موتي ٻڄي جرڪن ٿيون
۽ رات چُڳي ٿي تن کي پوءِ
ٿو نيرو تارا تارا ٿئي!
دل هيئن چيو
"ڪنهن سرمئي شام جو سڏ ٻڌي
جي هُوءَ ٿي نڪري ڪيتن ڏي
پُر شور هوا ۾ آنچل هُن جو
ٿو اُڏري پياري گيت جيان
ان وقت سرنهن جا ڦول لُڏي
ٿا پوپٽ بنجڻ جو سوچن!"

دل هيئن چيو
”ڪنهن رات لڙيءَ جو آڳر ۾
جي هُن جي پايل جاڳي ٿي
ان جي وٽندڙ چن چن تي
مدهوش زمانو ڳائي ٿو
ءِ هُن جي ڇُلندڙ جوڀن جي-
ٿي ڏور ندين ۾ ڳالهه لُڙهي!“
دل هيئن چيو
”جنهن وقت پرهه جي پينگهي ۾
ٿي ماڪ لُڏي ڪنهن ٻار جيان
ان وقت گُلابن جي دل ۾
هُوءَ خوشبو بڻجي سرجي ٿي
هر ڦلواڙي تي سوچي ايئن
”شل هوءَ بہ گُلن ۾ جنم وٺي
شل هوءَ بہ گُلن ۾ جنم وٺي!“

❊❊

# عجب راھگير

هُو عجب آ راھگير
ڳُل زمانو جنھنجي محبت جو اسير
سانجھڙيون تارن پريون
ڇَرَ متاران ڇانئجن
۽ شفق ڪنھن ڇوڪريءَ جي۔
ٻانڊڻي وانگيان لڳي
چنڊ جي آجيان لڳي
هُو وکن جي تِکَ کي هلڪو ڪري
پر تاڪ ۾ افلاڪ جا تاڪيا رکي
نينھن هُن جو۔
سانوڻيءَ جي بادلن جو خواب آهي
تن دلين جو خواب آهي
سار ڪائي ساز جئن جن کي وڄائي!
هُو سدائين
چنڊ کي ايئن ٿو ڏسي
چڻ پرينءَ جي چوٽ ۾
ڳُل هجي رابيل جو!
واءُ هُنکي۔
ڳوٺ پنھنجي جي وڻن جو سڏ لڳو
جن جي تارن ۾ ٻڌل ڪنھن پينگھ تي
هُو پاڻ کي.
اڄ بہ لُڏندي ٿو ڏسي!
ڳوٺ جنھن ۾۔
هُن بہ ڪيڏي هُئي زمين۔
کيت ۾ جڻ پاڻ کي پوکيو هُئائين
ڳوٺ جنھن ۾ رات جي پوئين پھر
ڪنھن ڇوڪريءَ جي ڳچ ڪاون جي اندر
هُن ستارن کي ڳنڍيو هو!
اڄ بہ هُو ٿو تن ڪھاڻين ۾ هلي
ٻارڙن سان مچ تي ويھي ڪڏهن
ننڍپڻي ۾ هُن ٻڌيون

جڏهن پيو هُو رات راڻين ۾ هلي.
هُو اسانجي دور جو اهڙو خيام
خيال جنهن جي اُڏام
جام ۾.
تي پري هن ديس کي
۽ نڪوري هرڪ جهڙي دور تي
پئي چري هن ديس کي!
هُو ڏسي ايئن ڏيهه کي
جيئن پکي گهاٽن وڻن جي وچ ۾
آ کيرڙا ڏسندا هُجن
جيئن ڳيرو ڳوٺ جا
ٻيلهڙا سر تي کڻي
ڳوٺ ڏي ورندڙ پرين جا پيرڙا ڏسندا هجن
هُو ڏسي ايئن ڏيهه کي
رُڃ ۾ ڪوئي اُجارو
ڏورُ کان تَڙَ کي ڏسي
۽ مسافر اُس ۾ ٻڙ کي ڏسي.
هُو عجب آ راهگير-
اڻ ڏٺل پر خواب جهڙي پار بدران
راهه اهڙيءَ تي هلي ٿو
جا وڃي ٿي دارَ ڏي ڪنهن يار بدران
ديس هُن جو خواب آهي،
جو ڪٿي ڪُٺو آهي
موت سان ٺُٺو نه آهي،
ديس جنهن ۾
هُو به گهاٽي وڻ جيان آ
ڇانوَ ۾ جنهن جي پکيئڙا
پر پسارن، ڏينهن ٺارن
خواب ۾ سُمهي پون
روح هُنجو سنڌ نديءَ جو آهه نير
هُو عجب آ راهگير-
ڪُل زمانو جنهنجي محبت جو اسير!

❊❊

# تون الئہ ڪيڏانهن وئين؟

آنءُ ورهين جي وٿيءَ ۾
اڄ بہ توکي ٿو تلاشيان
پاڻ ۾ توکي تراشيان
تون الئہ ڪيڏانهن وئين!
ڪي چون ٿا رات جي رٿ جو سوار
چنڊ ٿو جيڏانهن وڃي۔
تيڏانهن وئين!
هونءَ تہ نيرو نڀُ منهنجو يار آهي
۽ ستارا ساٿ تنهنجي ۾ وڪون۔
هر پرانهون پارُ۔ منهنجو پار آهي
هاءِ پر ڪوئي نٿو مونکي ڏسي
ڪيڏانهن وئين!
ڪي چون ٿا "سڀ آسرا تنهنجا فضُول
هي وڃايل دل ويڙهي جاءِ ساڳيءَ تي رڪان
انتظاريءَ جي گهڙي تي،
جاڳ جو درياهہ جهاڳڻ پيي چڙيان!"
ڪيئن پلا ٿن ڪي ڏسيان۔
مئڪدي ۾ سانجهہ جهڙا نيڻ تنهنجا
ڪو نہ ٿا وسري سگهن
ڪنهن ڪنواريءَ راهہ جا
خواب جيئن ٻڇي ڪبوتر
ٿا ڪليسا ۾ اُڏن
ائين تون مون ۾ اُڏين ٿي!

مون اندر ڪا ڳولَ آهي
جا چوي ٿي۔
پاڻ کان ٻاهر بہ توسان
ڪُجھ گھڙيون ايئن گھارجن
جو سموريون ڦُول واڙيون
تو مٿان پيون وارجن۔!"
ڪي چون ٿا " آئيني ۾۔
پاڻ کي مُرڪي ڏٺہ جو
پاڻ تي پئين موهجي
هاڻ توکي عاشقيءَ جي پُر خطر
پيچرن تي۔
همسفر جي گھرج ناهي
پاڻ سان جو پيار ٿئہ
ڳر لڳي ڳالهيون ڪرين تي پاڻ سان.
هي رسيل تنهنجي جواني
انگ اُپريل, وار اُلجهيل
اڌ کُليا هي چپ تنهنجا
نيڻ ڀيئي ڇُلڪندڙ مئہ جا پيالا
ڳل مالهيءَ جي اکين کان اڻ ڇُهيل
ماڪ ۾ آلا گُلاب!
وار پنهنجا۔
هاڻ پنهنجين آڱرين سان
تي وکيرين ۽ سنوارين
تون نٿي ڪو پيار سارين۔!"
جي ميان, ڪنهن کي ميان؟
سوچ ۾ ٻُڏندو وڃان۔
"تون الئہ ڪيڏانهن وئين۔
چو نہ تون آئين اجان؟"

**

# اڌورو نظم

هاڻ پنهنجين آڱرين سان پاڻ کي ميڙي وٺون
آسمانن ۽ زمينن تي وڇايل نيڻ پنهنجا
سار جي سمنڊن سفينن تي وڇايل نيڻ پنهنجا
هوءَ جڏهن آئي نہ ايندي چو نہ پو ويڙهي وٺون!
پاڻ کي ميڙي وٺون!

هر مسافر کي اکين چوتاڪُ ملٹوئي نہ آهي
هر پکيئڙي کي اُڏڻ لئہ افلاڪ ملٹوئي نہ آهي
پنڌ کي پورا ٿين ٿا، ڪي اڌورا ٿا رهن
ان ڪري ئي زندگي کي ڪُجهہ اڱيان ريڙهي وٺون
پاڻ کي ميڙي وٺون!

ڪوهہ ۾ هن اڃا تي روهہ ۾
ڪنهن هرڻ جو خواب آهيون
زندگيءَ جي ڪاڪ ۾
گڏجي جيئڻ جوءِ مرڻ جو خواب آهيون!
ننڊ ئي وچڙي وڃي پوءِ خواب ڇا؟
سوال انهيءَ تي گهڙيءَ لئہ جيءَ سان جهيڙي وٺون!
پاڻ کي ميڙي وٺون!

❊❊

# چيو دل هورڙيا ن مونکي...

اڃا اڄ ڪُٽُ- آڃاتو پنڌ هوا ڳيان
صدين کان ساٿ ڪي جنهن جي
هُئي ڳولا
اهو هر هنڌ هوا ڳيان،
مگر يارن جي پيرن ۾
سفر جو ٿڪ ڏانوڻ ٿيو
اڪين ۾ ننڊ لهي آئي،
جهلي دامن،
چيو دل هورڙيان مون کي
”ستارو ڏئي متي هيٺان،
گگن جي ڪنڊ اڪيلي ۾
سُمهي ڪو خواب ٿي ڏسجي!“
چيو دل هورڙيان مون کي
”لتاڙي لڪ، جبل اوچا
اڃا اڳتي، اڃا اڳتي
هلون ڇا لئه؟
جلون ڇا لئه؟
هتان ئي ڪنهن پهاڙيءَ تان
ٽپو ڏيئي،
لتاڙي فاصلا ڪيئي
هرڻ اکيءَ
سکيءَ جي ئي
گرم آغوش ۾ بيهوش ٿي ڪِرجي

سُمهي ڪو خواب ئي ڏسجي!"
چيو دل هورڙيان مونکي
"جتي هيرون گلابن کي ائين لوڏينِ
جئين ممتا جي پينگهي ۾
لُڏي ٿي ننڊ ٻارن جي،
اُتي هلجي
جتي پنهنجي پيارن جي
نرم محبت۔
عشاقيءَ سان پئي رَلجي،
جتي موسم جون انگڙايون
جوين تي نشا آڻن
اتي ڪنهن تار تي لُڏندڙ
آڪيري ۾
پکيءَ وانگيان پکيڙي پَر
چِندي چڏجي
سفر جو ٿڪُ
اکيون ٻوٽي
سُمهي ڪو خواب ئي ڏسجي!"
چيو دل هورڙيان مونکي
"هلي ڳالهين جي ماڙيءَ جي
انهي مومل کي پرچايون
ڳلي لايون
۽ سمجهايون
جنهين کي ڪا خبر ناهي۔
اسان ڪهڙي
پرانهين پار ڏي ويندڙ
مسافر بي چيا آهيون
نتا رُڪجون
سندس نيڻن جي ويڻن کي
نتا سمجهون
هلي هُن جي جوانيءَ جي
سهائيءَ ۾
بدن جا گهاءَ۔

ڳٽي مرهم لڳرايون
وري ڳايون انڌيري ۾.
اچي هُن جي-
ٻانهن جي تہ گهيري ۾
سُمهي ڪو خواب ٿي ڏسجي."
ڪريون ڇا پنڌ اُتر هو
اسان لئہ درد رهبر هو
چريءَ دل جي پُڪارن کي
آنگلن کي ۽ آرن کي
اهو سوچي
هميشہ رد ڪيوسين جو
"هٽڻ هڪلڻ
ٻيلي سارڻ
مانجهيان ايءَ مرڪ آهي!"

**

# هڪڙي شاعر جي تمنا

هڪڙي شاعر جي دل جي تمنا هئي
سيئي ديس اُجرا ڪبوتر هجن!
جڏهن شام وڻن ۾ پکين جئن اچي
پريان ڪيت هر ڪو هوا ۾ نچي
تڏهن هُو بہ ننڍڙي پکيءَ جان هجي
يا پنهنجيءَ سکيءَ جي سکيءَ جان هجي!

هڪڙي شاعر جي دل جي تمنا هئي
ڪڏهن چنڊ چُمجي، ستارن تي گُهمجي.
انهي اُپ اڻ کٽ سمندر اندر
حياتيءَ جي ٻيڙي هڪالي وڃي
اتي چنڊ- جزيري مٿان رات رهجي

ڪنهنجي خواب نيري مٿان رات رهجي
هڪڙي شاعر جي دل جي تمنا هئي
اُڏارن جي پويان شڪاري نہ ڏسجن.
گُلن، پوپٽن جي ڪهاڻي هلي پئي
حُسن جي نشي ۾ جواڻي هلي پئي
وڻن کي بهارون وساري نہ گذرن
خزائون، چمن جي ڪناري نہ گذرن.

هڪڙي شاعر جي دل جي تمنا هئي
ننڍين ٻارڙن کان ممتا نہ کسجي.
جنگيون مائرن جي جگر جي حصن کي
نہ خود ڏي گهرائن
نہ ئي دارُ ڪوئي سڌي يار کي.
نہ ئي وقت روڪي سگهي پيار کي.

هڪڙي شاعر جي دل جي تمنا هئي
ڪٿي رت- هاڻي، ڪهاڻي نہ سرجي.
سيئي ديس اُجرا ڪبوتر هجن.

❋❋

# چا آڪاش تائين تنهنجو گذر آ؟

هي هوا ۾ واسُ ڪهڙا تا رُلن
آس ڪهڙي ٿي ڪُلي
احساس ڪهڙا تا رُلن؟
تون جڏهن ناهين تہ پوءِ هي
سج ۔ مُکي ڪنهن جي طرف
ڳات اوچي تا ڏسن؟
چا متان آڪاش تان تنهنجو گُذر آ؟
نيڻ منهنجا رنگ بُوءِ جي ميڙ مان،
ڪو نہ تا ڳولي سگهن؟
مون ٻُڌو آ چنڊ تي پيئي رهين،
۽ ستارا تو اڳيان آهن غلام
ڪير ڏارا ۔
جڻ رئو تنهنجي اُڏي تو واءُ ۾
خواب ڪو خوشبوءِ سندو
هوريان لُڏي تو واءُ ۾
آڪاش تي تنهنجون وڪون
وات منهنجي ڪو نہ ٿيون ورڻ ڪٿي
آءُ ڏرتي تي ڪري توکي تلاش
جاڳ جي رَتُ تي چڙهي جي رات جو
آڪاش تي تو در اچان
چا وچوٽين ڪي متائي تون چڏيندين؟
پاڻ سان مون کي گڏيندين؟
جئن نديءَ جو سمنڊ ۾ تو چوڙ ٿئي؟
چا ائين مون کي سڏيندين؟
پيار ڏيندين؟
جئن گلن جي جهول ۾ ٿي ماڪ پنهنجو پاڻ
اوتي
مون اندر سُرهاڻ اوتي تون چڏيندين!؟
واءُ ڪان ڪلهہ مون پڇيو
"چا ڪٿي هُن کي ڏٺئہ؟"

ٽورڙو مُرڪي ڪُڇيو
”تون اڇو پائي لباس
آس پاس
جي نگاهن ڪان صفا ٿي بي نياز
پيار جي ٽئين راهگير
هورڙيان ائن ٿي هلئين،
جئن نديءَ جي وَهَ مٿان ڪي
موتيا ترندا وڃن
يا ڏيئا ٻرندا وڃن.“
آنءُ جو ڳولي ٿڪس،
هٽ جهلي مون کي پڇائيءَ هيئن ڇيو
”هوءَ تہ تنهنجي ئي اندر ۾ ٿي رهي
ڇو جهانِ غير ۾ ڳولين پيو؟“
آنءُ مرشد کي مڃي،
پنهنجي اندر ۾ وڃي،
ٿو ڏسان توکي اُتي
تون۔هتي
مون اندر ترسين پئي،
ڪنهن گهٽا گهنگهور وانگر
روز شب برسين پئي!

❊❊

# تون ندين جو خواب آهين

حُسن تنهنجي جون اُڏارون،
عشق جي وٽڪار ڳولن،
تون پکين جو خواب آهين،
سانجهہ جي سُرمئي رَئي تي
سج ڳاڙهي ڦُول جهڙو
ائن ٽڙيو آ،
جيئن تنهنجا لڱ منهنجي،
ڇُهاءُ سان ٽڙندا وڃن ٿا
ساز جئن ڇڙندا وڃن ٿا.
رات هلڪا پير کڻندي
سمنڊ ۾ اُتري رهي آ
جيئن تنهنجا نيڻ منهنجي
خواب ۾ اُتري اچن ٿا
پيار سان ٿي ايئن گهورين
جو سموريون چنڊ - راتيون
چامشوري جي پهاڙين تي نچن ٿيون.
نيڻ تنهنجا شاعريءَ جو
ويس آهن
عاشقيءَ جو ديس آهن!
وهڪرا جن جا مُڙن جي
سمنڊ کي ٻوڙي وجهن،
تن ندين جو خواب آهين!
تون پکين جو خواب آهين!

آسماني ڳالهہ ٻڌجي
تون سدا مون تي لهين ٿي
نيڻ نيرا، سمنڊ جي اُٿندا رهن ٿا
تِن اندر تون
ڪنهن جهازي سڙهہ وانگر
خواب ۾ لُڏندي رهين ٿي
واءُ تي هي وار تنهنجا
ٿا ڪڪر لکندا وڃن!
چپَ چورين،
گُنگنائين
هٿ جي هلڪي اشاري،
تون نهاري
سانوڻين جا مينهن پنهنجي
نينهن جا همدم ٻڌائين
زندگيءَ جا ڏينهن ڪنهن جي
نينهنَ جا همدم ٻڌائين
تون سرنهن جا گل آهين
ناچ ۾ جنهن دم اچين ٿي
واءُ ۾ خوشبو وَسائين
تون جا منهنجي ننڍپڻي ۽ نوجواني –
جي اکين جو خواب آهين!
تون پکين جو خواب آهين!

❊❊

# وڇڙيل مسافر !

مُنهن انڌاري ڪو مسافر
چنڊ ڏي نڪري ويو
زندگيءَ جي سراءِ خالي ٿي وئي
شهر ۾ هڪ جاءِ خالي ٿي وئي
هُو جنهين جي
سُهڻين سنهڙين
آڱرين ۾
ڪنهن مُنڊيءَ وانگر رهيو هو
سا ٻہ هُن کي ڪو نہ ڏسندي
ڪارڻ ڪارڻ
نانگ جهڙن
جنهن جي وارن
جي وراڪن
۾ سدائين
آڱريون ٿي
هو رُليو هو
سا ٻہ هُن کي ڪو نہ ڏسندي
ڪٽ تي پاسا ورائي
هورڙيان ڪو
گيت ڳائي
چنڊ تارن ڏي تڪيندي
ننڊ جي واٽن مٿي
ڏور ويندي
نيرَ جهڙي نينگري ڪا
پاڻ ۾ ڇُلندي پئي
آڪاش ۾ رُلندي پئي
ڪنهن ستاري منجهہ هُن جو
روپ ڪوئي ڪو نہ ڏسندي
هُو تہ هاڻي
اڻجاتي

كنهن جزيري جو حصو آ
سمنڊ نيري جو حصو آ
زندگيءَ جي اک جنهن جي
رنگ کان پرتي رهي آ
ڏنگ کان پرتي رهي آ
واءُ ٻڌجي رات ڏاري
در کلي ٿو
نيڻ مهٽي
ننڊ جا پردا هٽائي
ڪا ڏسي ٿي
واٽ خالي ٿي رهي
هو وڃي واپس سُمهي ٿي
۽ ڇپن ۾ هيئن چوي ٿي:
”ڪو بہ ناهي
هيءَ تہ منهنجي جاڳ هئي جنهن
ننڊ جي در کي ڇُهيو هو
هُو تہ هوا رڍو مسافر
چنڊ سان نڪري ويو آ
هاڻ واپس ڪو نہ ايندو!“
ننڊ ۾ پوءِ هوءَ ڏسي ٿي
ڪو پريو گلزار آهي
پوپٽن جا ميڙ آهن
ٽار سڀ ڪنهن تي لُڏن ٿا
گُل ڇهرا
هير ڪنهن جا پير ٻڌجي
اکين جا آڳر چمي ٿي
سئو پرندا
ڇَهچهائي
چڻ چون ٿا
”ٽار تي جو گل لُڏي ٿو
سو سنديءِ دلدار آهي
پيار آهي“
ننڊ مان پوءِ نيڻ هُن جا
ڳوٺ ۾ پهچي وڃن ٿا

ڪُوهہ واري واٽ تي هُوءَ
پاڻ کي ويندي ڏسي ٿي،
راهہ ۾ ڪي نيڻ هُن لئہ
نينڊَ ٿين ٿا
هٿ اُلاري
ڪوڙي ڪاوڙمان ڏسي ٿي
پاڻ سان هلندڙ سکيءَ کي
هيئن چوي ٿي
"ڏس چريو آهي ويچارو!"
ايئن هُو وڇڙيل مسافر
ننڊ جو ساٿي ٿئي ٿو
جاڳ ۾ وڇڙي وڃي ٿو
رات ڌاري جو مسافر
چنڊ ڏي نڪري ويو آ
مُنهن انڌاري جو مسافر
چنڊ ڏي نڪري ويو آ

❊❊

(شهيد دوست عيسيٰ راڄڙ جي ياد ۾ لکيل)

# معمول

دل جڏهن چوڏار ڏسي ٿي
چار ڏسي ٿي
جنهن ۾ ڪوئي قاتل آهي.
هونءَ تہ هوا ۾ اڏرڻ وارو
چانڊوڪينءَ جي تنهاين مان
گذرڻ وارو
نِيَ جي نيرين گهراين کي
تارا پڪڙي
اُڪرڻ وارو
جڳ کان نيارو نينگر آهي.
هُن ۽ پيار ٻنهين جي وچ ۾
ريشم جو هڪ رستو آهي
جنهن تان گذري
گهٽيون متائي
ڪائي وينگس ايندي آهي
ويجهي ويجهي ٿيندي آهي
جنهن پل هُن کي ننڊ هجي ٿي.
هن جو ياد_نديءَ جي ڪَڙ تي
ڪنهن جا پيرا ڳولڻ وارو
سانجهہ سويرا ڳولڻ وارو
دل سدا وهنوار ڏسي ٿي.
سارين جا سڀ ڪيت پچي ويا
هائِ! هُنن جو ڪچو رشتو
سارين سان جو پوکيو هئائون
سچو رشتو!
ڪو نہ خبر هئي
هيئن ٿيندو
چنڊ نگر جي هُوءَ حسينا
خود تي موهت رهڻي آهي
ڏُور وڻن ۾ سورج وانگر

هُن تي مُور نہ لهڻي آهي.
ها پر هُنجي ديد اُجاري
سارجي وَهہ تي
ڪنهن جا گُل انار ڏسي ٽي.
دل جڏهن چوڏار ڏسي ٽي.

❊❊

# توکي اها چيڪي مٿي...

هونءَ تہ منهنجي ذات اُوچي
جيئن ڪيتن ۾ سفيدا۔
ڪرُ ڪٽي آڪاش کي بيٺا تڪين
۽ هوا کي ٻڪ پائي راند ۾ ٿا
لهلهائن
خوشبوئن جا گيت ڳائن
ڪنڌ لاڙي پاڻ هيٺان جي ڏسن
سائيءَ ڇپر تي ڇانو ۾
سمهي رهڻ تي دل چوي
ها سفيدن جيئن آهي۔
هيءَ منهنجي ڏات اُوچي.
گيت منهنجا چنڊ تارن جي اکين جو
نُور آهن
ڏور آهن جڳ جي هر جاڙڪان
مان ستارن کي جهَليان ٿو پاڙکان
۽ لڪائي هر اياڳي تاڙَکان
هڪ چنيءَ جي کيت ۾ پوکي ڇڏيان
ٿو
جڻ گهٽائون
ريتَ ۾ پوکي ڇڏيان ٿو
جيڪڏهن مان گيت ٿيان ٿو
پو تہ ڪنهنجو ميت ٿيان ٿو.
جوت جلندي ئي رهي آ۔
جا جُڳن جي جهوپڙي ۾
سا دکائي مون هٿي
هيئن لفظن ۾ سمائي ڪُل خُدائي
مون هٿي.
مون جو ساڏيو آ سنيهہ
ڪنهن ڪٿائي جل۔ پريءَ جي

ڳالهه آهي.
جا سِپين جي ٽالهه ۾
روز پئي موتي ڄڙي
۽ جيءَ پنهنجي سان جڙي
رات جو هر لات منهنجي
ڪنهن پکيءَ جي ڇهنب مان
پرهه جو اعلان ٿئي
ديد منهنجي عيد جو امڪان ٿئي.
تون پڇين ٿي "ايئن بُلندين تان نهاري
هيٺ ٿو ڇالئه جهُڪان؟
ڇو پيو توڏي اچان؟"
ڇا ٻڌايان، تون اها ڇيڪي متي-
جنهن ۾ منهنجي پاڙ آهي
تو سوا هي جڳ مون لئه
جاڙ آهي
جاڙ آهي
جاڙ آهي.

❊❊

# هوءَ نشيلي...

كيت سارين جا جوين آئي
واءُ لڳڻ تي هيٺ ڏسن جئن
ڪنڌ جُهڪائي.
هوءَ ڏسي ٿي ائن شرمائي.
پوءِ اچانڪ پيلي چُنري
ٿوري رنگ رنگيلي چُنري
پاڻ مُرادو ايئن اُڏائي
جئن ڪو پوپٽ پَر ڦهلائي.
هوءَ نشيلي
سنهڙي هائي
قد ۾ جڻ تہ صنوبر آهي،
پياريون، سنهڙيون، ڊگهيون آڱريون
چنڊ انهيءَ جي
چيچ ـ مُنڊيءَ جو آهہ نگينو
هاءِ پسينو هُن جو جڻ ڪنهن
رات ـ راڻين کي ٻڪ ۾ آٽي
ايئن نچوڙيو
جوڙيو توڙيو
جو ڪو دريا ٻرجي آيو
هوءَ انهي مان وهنجي آئي.
يا هيئن چئجي
ٿول سپيئي
هُن جي اندر تڙندا آهن
پوپٽ هُن تي مڙندا آهن
خوشبو جون سؤ واهيون وهندي
هُن ۾ بيهي رهنديون آهن.
ڪارا ڪاڪُل
جڻ ڪا رات آرامي آهي
جنهن سان چنڊ آجامي آهي،

رَسيل ڇمون ڇپ انهي جا
ڪيڏو وڻندڙ
ڪيڏا پيارا
جن ڏي ڏسندي
ايئن لڳي ڄڻ ڪوئي مُصور
هُن کي ٿاهي
پاڻ وساري ويٺو هوندو.
هُن جون اکيون
ڳهاٽي نم جي ڇانوَ ڇئون يا
ٻرندڙ سج جي آڏو آيل
ڪائي بَدلي.
ٿڪ هوا ۾
موتين جي ڄڻ مهڪ هوا ۾
ڏور فضا ۾ بينَ وڄي ڄڻ
ڇَر تي لهندڙ سج هجي ڄڻ.
هُن جو مُرڪڻ
ڄڻ تہ پهاڙي چشمو آهي!
هي جو منهنجي منَ جي بنَ ۾
ساوڻ بنجي برسيو آهي
ترسيو آهي
شايد پيار انهي جو آهي.
هوءَ قدآور
رخُ تي موهيڙن جي ڪڻ ڪڻ
ريشم تي ڄڻ موتي هاريل
قطرو قطرو جوتي هاريل.
نُنهن ڪان چوٽيءَ تائين هُن کي
هيڪر ڏسجي
ٻيهر ڏسجي
دل چوي پيو هر هر ڏسجي.
هُن جو ڳالهڻ
جهيڻو جهيڻو
چانديءَ۔ تارن جو ٽڪرائڻ.
ڇا هي مون ۾ پيار ڪُليو آ؟
هُوءَ هلي وئي پوءِ هُن جي

پايل مون ۾ وڄي رهي آ
يا هي ڪوئي ڄار ڪُليو آ؟
مون مان اُڏري ڪوئي پرَندو
ڦاسي- پرڙا ٿو ڦڙڪائي.
هُن کي هيءَ خبر ئي ناهي
هُن لئہ مون ۾ رات اچي ٿي
ڏينهن ٿئي ٿو
شايد ايئن ئي نينهن ٿئي ٿو.

**

# هُن هيئن وري سوچيو...

مئخوار جي نيڻن کي
سنسار صُراحيءَ جئن
ڪلهه رات نظر آيو
هُن جام پري ان مان
ڪجهه زرد پهر پيتا
۽ هيئن وري سوچيو:
هو پاڻ ئي دريا آ
هُو پاڻ آهي مانجهي
هُو ئي بيڙي آ
تنُ لهرون آ هُنجو
طوفان بہ هُو آهي
تا سِڙهہ لُڏن جيڪي
لڱ سندس آهن.
هُن هيئن وري سوچيو:
ڪنهن واهہ ڪناري تي
وڻڪار جيان آهي
واءُ لڳڻ سان پَنَ
پاڻيءَ تي ڇڻن ٿا ۽
ڏُور وڃن ٿا پيا
پاڻيءَ کي پتو نہ آهي.
هُن هيئن وري سوچيو:
صحرا هُو آهي
هي نيڻ ڪليل هُن جا
ڪنهن نينهن۔ لئہ تڙپن ٿا
جڻ مينهن لئہ تڙپن ٿا
هُن هيئن وري سوچيو:
آڪاش جي تارن ۾

هُو بہ تہ جرڪي ٿو
ڪا نيڻ ڪٽي هُن ڪي
اڌ رات تڪيندي آ
پر ڪيس خبر ناهي
ان ويل سندس اکيون
پاڻ اندر هُن ڪي
ننڊ سمهارن ٿيون.
هُن هيئن وري سوچيو:
هر شام سمندر تي
هُو سج جيان آهي
هر روز ٻڏي ٿو پيو
پر روز بچي ٿو پيو.
هُن هيئن وري سوچيو:
رنگن جي دربدري
هُن جوئي قصو آهي
لفظن جي خيمن ۾
هُو پاڻ سُتو آهي.
هُن هيئن وري سوچيو:
گهر جي آڳر ۾
محبوب ننڍاڪو آ
۽ وار ڪليل آهن
جن منجهہ ستارن جا
ڪجهہ گل ڇٽي اٽڪيا
۽ ماڪ ڇڏيو ڏوئي
رخسار جو ڳڙ آهي
هُو چپ اپاري ٿو
ٿو چنڊ چمڻ چاهي.
هُن هيئن وري سوچيو:
جوڳي هُو آهي

هُن پير ڏٺا پنهنجا
هو سفر لکيل جن تي
ڪشڪول جي پاڇي ۾
"پاڻ" نظر آيس
رنگن جي دريدري
هُن پاڻ اندر اوتي
پوءِ وقت جي مٽي ۾
دفن ڪري خوشبو
ڪي ڙڻ لتاڙڻ لئه
آڪاش جي چاڙهيءَ تي
هُن وک کڻي سوچيو
تارن جو پيري پاڪر
هيٺ لهي ايندو
ها نيٺ لهي ايندو.

❊❊

# ڳوٺ تنهنجا نيڻ آهي

سُرمئي شامون انهيءَ جون،
ڳوٺَ تنهنجا نيڻ آهي،
گهاٽ واريءَ واٽ تي جي،
وڻَ آهن،
نوجوانن جي اکين جا،
خواب بيٺل جڻ آهن.
(انتظاري گل ٽي جن ۾ لُڏي ٿي)
ڳوٺَ تنهنجي ۾ اکين جي،
ننڍڙي ڪو ڳوٺ آهي،
رات جو جنهن جي گهٽين ۾،
خوابَ جا تون ويس پائي،
پير پوڪيندي رهين ٿي،
۽ حُسن جا ٻج نيڻن ۾ ڇٽين ٿي،
شاعري جو فصل ٽئي ٿو.
(ديس جو پيٽ پيٽ خالي ٿو رهي
ديس تنهنجي در سوالي ٿو رهي)
ڇپَ هي مصور اسان جا
تو ۾ تارا ٿا تلاشن،
رات تنهنجا نيڻ آهي.
اُپ تي تون وارَ هاري ٿي ڇڏين،
۽ ڪڏهن منهنجين اکين ۾
سنسارَ هاري ٿي ڇڏين
هاڻ مون ۾ رڻَ آهن، شهرَ آهن،
ڪي نديون ۽ واهہ آهن
ساهہ تنهنجا چاهہ آهن
آئون خود ڪو ڳوٺ آهيان
سُرمئي شامون انهيءَ جون
ڳوٺ تنهنجا نيڻَ آهي،

***

# مايوس دل

هي مايوسُ، چُپ، اڪيلي ۽ اُداس دل
نہ ساٿيءَ جي ڳولا، نہ قافلي جي تلاش،
رڳو رڻ نظر ۾
وڏڻ جي تمنا ڪٺي دربدر
هلي ٽوروِ اڪيلي
ٽڪجي ٽُٽي
ڪِري پيئي پنهنجي اندر جي غَفا ۾
ڪڏهن پوءِ ڪنهن کي نہ آئي نظر
الا بي خبر
رهيو جڳُ سمورو
وفا ۽ جفا جي نہ ڪُنندڙ ڪهاڻي
سرد رات ۾ ڪنهن ياڪر جي گرم،
ڳگاتيل ڳچيءَ ۾
ٻئيون ايئن ٻانهون
لڙهيون جڻ پرويل رابيلي گَلن جون
حصي منجهہ آيون نہ آيون
ڪا پرواهہ ناهي
مگر هوءَ نينگر
چندرما جنهين جي ڳلي جي هَسي آ
ڪو تارو ڦُلي ۽ ڪنن جا ڪي والا
هوءَ، جنهن جي گهٽيءَ ۾ ڇٽي واءُ خوشبو

هَلي ٻانهن لوڏي تہ لوڏي زمانو.
وچينءَ ويل جنهن کي ڏسي اُڀ ائن جو۔
لڳي هاڻي هاڻي لهي هيٺ ايندو!
انهي کي تہ چئجو
"او چنچل!
خُدائيءَ جي سر تي
سُرخ تلڪ جهڙي حسينا!
ڪا اڪيلي، اُجاري، بيوس ۽ برباد دل
متان رڻ لتاڙي نہ ٿڪجي پوي
انهيءَ ڪان اڳي
اچي ان جي تارن ۾ آڱريون ڦيرائي،
ڪوئي گيت ڳائي
سرِ شام جيڪو اهي حوصلا ٿئي۔
جو ڪنهن ٻي ويراني ۾ ٿڪجي ڪٿي
سفر نہ وساري ڪا برباد دل.
نہ ٿي پاڻ هاري ڪا برباد دل"

❊❊

# سنڌو ويو تہ ڇا بچيو؟

سنڌو ويو تہ ڇا بچيو؟
ٻدن ٻدن جي ريتَ ۾
اُجارا مور ٿا رڙن
ڪيت ڪيت جي جڳهہ
گُلن جا لاش ٿا سڙن.

سنڌو ويو تہ ڇا بچيو؟
اڳي جتي جنهن پينگهہ ۾
سنجها صبح سَکيون لُڏيون
انهن وڻڻ جو تارُ تارُ
رهي سدائين اشڪبار.

سنڌو ويو تہ ڇا بچيو؟
ڇُلهن ۾ ٻاهہ وئي ٺري
لُڇن مهاڻيءَ جون اکيون
نديءَ جا خواب ٿا اڇن
اکين ۾ آب ٿا اڇن.

سنڌو ويو تہ ڇا بچيو؟
اسان جو سج گُهٽيو ويو
رڳن ۾ درد ٽوڙي
مگر ٽي سرد ٽوڙي!

سنڌو ويو تہ ڇا بچيو؟
گهٽيءَ گهٽيءَ جي موڙ تان
اسان کي پنهنجي شهر مان
ڏِڪيو چون وَري وڃو
ٻُکيا اُڃيا مري وڃو.

سنڌو ويو تہ ڇا بچيو؟
ڪچن گهرن جي اوٽ ۾
روئي سمهن ٿا ٻارڙا
ڏُڪار و چنڊ ٿو گُهمي
سنڌوءَ جي پيٽ کي چُمي.

❊❊

## پروفائيل

هُن سدائين چنڊ کي ٻيڙي سڏيو
جُهونڙيون هُن جون اکيون،
نيرڙي آڪاش ۾
چوڏسا ڏسنديون رهيون،
تارڙا رابيل جا ڇڻ گل هئا،
تي لُڏيا، تورو ٻُڏيا، ٻيهر تريا.
ڪنهن پراڻي پياڪ وانگيان،
هو خُمارن ۾ هليو تي،
۽ ڪڏهن هُو چنڊ- ٻيڙيءَ جو ٻٽيو تي ناکئو
هُو ڇا هُئو؟
جي لوڪ، مُنهن موَڪ کان پُڇندؤ تہ چوندو
”هُن جواني آسرن ۾ گِهلي گذاري،
هڪ ڇوڪريءَ جي پيار جي ڦلواڙ پائي.
زَرَ بنا، هُو دربدر رُلندو رهيو
گهر بنا، بي خبر واءُ جان گُهلندو رهيو
ڪجهہ ڪَتڻَ جو فن هن کي ڪو نہ آيو
حاصلاتن جي ٻنيءَ ۾
ٻج ڇٽڻ جو فن هُن کي ڪو نہ آيو
خواب جي ڪوتن سڪن تي،
زندگي وڪٽي ڇڏيائين،
هُو چريو پاگل، ديوانو
بي اجَهو پتڪيل مسافر ئي هيو“
پر جي هُن جو هٿ جهلي پڇندؤ اوهان،
غور سان خود کي تڪيندو
هي ڏسيندو
”عمر جو رستو ڏگهو ۽ بي مهابو هو تڏهن،
ڪنهن سڄڻ، پنهنجي، همقدم ۽ هم سفر
جي جستجو ۾
دل، بدن جي حد ريٽي،
پاڻ ميٽي،
ڪنهن پريءَ جو ويس اُجرو تي هوائن جيئن لوڏيو
۽ ڪڏهن سا دلبريءَ جي گهاٽ تي،

ڪو گهڙو ٻڌجي وئي!
هِن جدائيءَ ۾ خدائيءَ لاءِ ڪو
ڊيئڙو ٻڌجي وئي!
سڀ زمان، توڙي مڪان ۽ لامڪان
هي زمينون آسمان
اور تي رهجي ويا،
هتا جتي، رهجي ويا،
آن اِڪتي، اڻ اظهارئي ڏيهه ڏي نڪري ويس،
يا ته ان ساڻيهه ڏي نڪري ويس
جت ڪنهن جي
واس وَنَ سان هر قدم آهيان رهيو
دم بدم آهيان رهيو۔
ڪنهن اَچاتي، اَڻ ڇهي احساس جهڙي،
خيال جي خوشبوءِ ۾
هن جُوءِ ۾
آڱريون مون تي اُڀيون،
۽ اکيون تاڻيل رهيون،
پر ڪڙي، قاتل ۽ وهه وَرني وقت آڏو
اَڻ مون ناهي مڃي
۽ اکيون منهنجون اجاريون هي اکيون
پياس جي هر پنڌ ۾ ثابت قدم
ننڊ توڙي جاڳ جي هر ماڳ تي،
بس زنجيرِ زلف ڏي مائل رهيون.“
وار هُن جا هاڻ آهن،
پربتن سان ياڱرين ڪو آبشار
۽ سمورو تَنُ هُن جو
انتظاريءَ جون لڪيرون بيشمار.
هُو سدائين، عمر جي هن موڙ تائين
دل لڳيءَ جي ڪيف ۾ رهندو اچي،
بي خوديءَ جي ماڳ جو جڻ مئخوار
هو اَچاتو اجنبي پر پاڻ ۾ مونکي ڳڏيو
جنهن سدائين چنڊ کي ٻيڙي سڏيو!!!

**

# اظهار جي آزاديءَ جو ناجائز فائدو

ايوب گل پاران ڪجهه لکي ڏيڻ لاءِ ڪيل هجت جي موٽ ۾ منهنجو اهو ئي جواب هو تہ سڀ ڪان پهرين مون کي اظهار جي آزاديءَ جو حق ملي تہ پوءِ مان ڪجهه عرض ڪيان ۽ هن جي موٽ هئي صرف هڪ مسڪراهٽ . جنهن جو مطلب هئي ڪنهن لاءِ ڪيترو بہ ڏکيو هجي پر فرهاد قائمخاني ۽ منهنجي لاءِ سولو رهيو آهي. مون پنهنجي لغت ۾ ان مسڪراهٽ جو نالو" مخصوص مسڪراهٽ" رکيو آهي. جنهن جو مقصد ۽ مطلب يا وري معنيٰ اها آهي تہ "سڀ سمجهان ٿو جيڪو وٽي وڃي ڪر."

ايوب گل منهنجي انهن دوستن مان آهي جن سان دنيا جون سڀ ڇڙواڳيون ۽ بي ترتيبيون شيئر (Share) ڪري ويندو آهيان. ان جو هڪڙو سبب اسان ٻنهي ۾ ڪجهه هڪجهڙايون بہ آهن.

اسان ٻئي ڪجهه ڏينهن لاءِ حيدرآباد واري سفر تي، ٿوري گهڻي فرق سان ساڳين ئي حالتن ۾ نڪتا هئاسين. مون جيان ايوب گل بہ پلاسٽڪ جي نيري شاپنگ بيگ ۾ ٻہ وڳا ڪپڙن جا کڻي بي منزل مسافر بڻجي نڪتو هو.

اهوئي نہ پر حيدرآباد ۾ تقريبن ساڳين ڏکين حالتن مان گذريا آهيون. اسين هڪٻئي جي ڏک سک جا شاهد آهيون. اهي اهڙائي ڏهاڙا هئا جنهن ۾ اسان شهر جي مزاجن سان، وقت ۽ حالتن سان وڙهيو آهي ۽ پنهنجو پاڻ سان جهيڙيو آهي.

ايوب گل جي سيني خوبين ۽ خامين جي باوجود هڪڙو ساڳ سڄي ڄمار رهندو ته مان ايوب گل جهڙا نظم ڇونه ٿو لکي سگهان. ڇاڪاڻ ته ايوب گل جا نظم خانه بدوش جذبن جا ترجمان رهيا آهن. مان بنا ڪنهن خوف جي لکان ٿو ته ايوب جا نظم تاريخ پنهنجي صفن ۾ وڏي ترجيح ۽ اوليت سان سانڍي رکندي.

هن جا شاعرانا استعارا ۽ لفظن جو جڙاءُ ڪيس پنهنجي ٿهي جي شاعرن جي قد ڪاٺ کان تمام مٿي ڪري بيهارن ٿا. اهوئي نه پر خوبصورت شاعرن واري لسٽ جي مهڙ ۾ آڻي بيهارن ٿا. ان کا ۰ وڏيڪ مخصوص مسڪراهٽ رکندڙ ايوب جي تعريف ڪنهن به صورت ۾ نه ٿو ڪرڻ چاهيان. بس ايترو ضرور لکندس ته اسان ٻئي هاڻي هڪ ٻئي جي عادت بڻجي ويا آهيون.

## ماڻڪ ڪنگراڻي

17 فيبروري 2010 ڪراچي